# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1981
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1981
# سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 1981
# THE SIND CIVIL COURTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريه 1962جي دفعه 24 جو متبادل

Substitution of section 7 of West Pakistan Ordinance II of 1962

3. ڪورٽ جي ڊسٽرڪٽ جج جي اصلي عدالتي ڪارروائي

Original Jurisdiction of the Court of District Judge

4. مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريه 1962 جي دفعه 24 ۾ ترميم

Amendment of section 24 of West Pakistan Ordinance II of 1962

5. ڪيسن جي منتقلي

Transfer of suits

6. بمبئي ايڪٽ VIII مجريه 1926 ۽ صدارتي حڪم نمبر 2 مجريه 1956 جي منسوخي

Repeal of Bombay Act VII of 1926 and President Order No. 2 of 1956

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1981
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1981
# سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 1981
# THE SIND CIVIL COURTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

[5 اپريل 1981]

آرڊيننس، جنهن سان سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ۽ سنڌ ڪورٽس ايڪٽ، 1926 ۽ ڪراچي ڪورٽس آرڊر 1956 کي منسوخ ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو. ۽ سنڌ ڪورٽ ايڪٽ 1926 ۽ ڪراچي ڪورٽس آرڊر 1956 کي منسوخ ڪيو وڃي.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي حڪم ۽ حڪم براءِ قانون (نفاذ ۽ تسلسل) ۽ 1977 جي تعميل جي ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريه 1962جي دفعه 24 ۾ ترميم
Substitution of section 7 of West Pakistan Ordinance II of 1962

2. سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 جنهن کي هن کانپوءِ به آرڊيننس سڏيو ويندو. هن جي دفعه 7 جو هيٺين طريقي سان متبادل بڻايو ويندو:

ڪورٽ جي ڊسٽرڪٽ جج جي اصلي عدالتي ڪارروائي
Original Jurisdiction of the Court of District Judge

"7. رائج الوقت قانون جي مطابق ديواني ڪيسن جي ڪارروائي جي لاءِ ڊسٽرڪٽ جج جي دائري اختيار ۾ ڪا ويليو لمٽ نہ هوندي، سواءِ ڪراچي ڊسٽرڪٽ جي جتي ديواني ڪيسن ۾ ڪارروائين جي لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ هڪ لک کان مٿي ويليو تي ڪارروائي ٿيندي. "

مغربي پاڪستان آرڊيننس II مجريہ 1962 جي دفعہ 24 ۾ ترميم
Amendment of section 24 of West Pakistan Ordinance II of 1962

3. هن آرڊيننس جي دفعہ 24 ۾،

(a) جتي جتي الفاظ "50 هزار روپيہ" استعمال ٿيا آهن ان جي جاءِ تي "هڪ لک روپيا" کي هن جو متبادل بڻايو ويندو.

(b) ذيلي دفعہ 2 جي شق (a) ۾ الفاظ "ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر ۾ ڏٺو ويندو" کي ختم ڪيو ويندو.

ڪيسن جي منتقلي
Transfer of suits

4. هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ سان هاءِ ڪورٽ ۾ التويٰ ۾ پيل سمورا اصل مقدما ۽ ڪارروائيون جنهن جي ويليو هڪ لک کان مٿي نہ هجي، ڊسٽرڪٽ جج ڪراچي جي عدالت ڪي منتقل ڪيا ويندا.

بمبئي ايڪٽ VIII مجريہ 1926 ۽ صدارتي حڪم نمبر 2 مجريہ 1956 جي منسوخي
Repeal of Bombay Act VII of 1926 and President Order No. 2 of 1956

5. ڪراچي تي لاڳو ٿيڻ وارو سنڌ ڪورٽس ايڪٽ، 1926 ۽ ڪراچي ڪورٽس آرڊر، 1956 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**